SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIII مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XXXIII OF 2001

سنڌ شهري اسٽيٽ ليند (الاٽمينٽس، تبديليون ۽ مٽا سٽا رد) (ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH URBAN STATE LAND (CANCELATION OF ALLOTMENTS, CONVERSIONS AND EXCHANGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي ترميم
Amendment of Sindh Ordinance No.III of 2001

3. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment section 3 of Sindh Ordinance No.III of 2001

4. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment section 5 of Sindh Ordinance No.III of 2001

سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIII مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XXXIII OF 2001

سنڌ شهري اسٽيٽ لينڊ (الاٽمينٽس، تبديليون ۽ مٽا سٽا رد) (ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH URBAN STATE LAND (CANCELATION OF ALLOTMENTS, CONVERSIONS AND EXCHANGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[25 آڪٽوبر 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ شهري اسٽيٽ لينڊ (الاٽمينٽس، تبديليون ۽ مٽا سٽا رد) آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ شهري اسٽيٽ لينڊ (الاٽمينٽس، تبديليون ۽ مٽا سٽا رد) آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 تحت تحليل ٿيل آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل

ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:	
1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ شهري اسٽيٽ ليند (الاٽمينٽ، تبديليون ۽ مٽا سٽا رد) (ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.	مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement
(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ ان کي 3 جنوري 2001 کان وٺي لاڳو سمجهيو ويندو.	
2. (1) سنڌ شهري، اسٽيٽ ليند (الاٽمينٽس، تبديليون ۽ مٽا سٽا رد) آرڊيننس، 2001 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان ۾ لفظن "شهري سرڪاري زمين" جتي به اچن، لفظن "سرڪاري زمين" سان تبديل ڪيو ويندو.	2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي ترميم Amendment of Sindh Ordinance No.III of 2001
3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 3 ۾، لفظن "رد ٿي ويندا" لاءِ لفظن "ان سلسلي ۾ ڪيل ڏيتي ليتي رد ٿي ويندي" کي متبادل بڻايو ويندو.	2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 3 جي ترميم Amendment section 3 of Sindh Ordinance No.III of 2001
4. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 5 ۾، لفظ "ادا ڪيل" ۽ لفظ "ڪندو" وچ ۾ لفظن "۽ سمورين ذميوارين کان آجا آهن"	2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 5 جي ترميم

Amendment section 5 of Sindh Ordinance No.III of 2001	ڪي شامل ڪيو ويندو. **نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**